# ٻارن لاء بائبل
## تحفو



# اُهو ماڻهو جيڪو جهڪي نه سگهيندا هئا

لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Jonathan Hay
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: .Mary-Anne S

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٿاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



بادشاهه نبوڪدنضر هڪ وڏو سون جو مجسمو تعمير ڪيو. جيڪا سر کان پيرن تائين سون هئي. شايد بادشاهه اهو خواب وساري چڪو هو ته خُدا کيس اهو ٻڌائڻ لاءِ موڪليو هو ته سندس سونهري بادشاهت سدائين قائم نه رهندي. شايد هن سوچيو هو ته جيڪڏهن هو مڪمل سون جو مجسمو ٺاهيندو ته پوءِ سندس خواب ۾ خُدا جو ڪلام سچ نه ٿيندو.




بادشاهه جي هڪڙي
نوڪر سڀني ماڻهن کي
اهو حڪم پڙهي ٻڌايو ته:
"نميو ۽ سونهري بت جي
پوڄا ڪريو، ۽ جيڪو نه
پوڄي تنهن کي ٻرندڙ
ڪوري ۾ اڇلايو ويندو".
3


بادشاهه حڪم ڏنو هو، سڀني ائين ڪيو. سواءِ ٽن ماڻهن جي.
اهي ماڻهو عبراني هئا. اهي سدرڪ ۽ ميسڪ ۽ عبدنجو،
داني ايل جا دوست هئا. داني ايل، لڳي ٿو، ان وقت
اتي موجود نه هو، يقيناً هن
به انسان جي ٺاهيل
تصوير جي پوڄا
ڪرڻ کان انڪار
ڪيو هوندو.
4


بادشاهه جي دانشورن داني ايل ۽ سندس ساٿين تي حسد ڪيو
ڇاڪاڻ ته بادشاه انهن تي احسان ڪيو. پوءِ چيائون تہ "هاڻي
ڪي يهودي آهن جن کي تو بابل جي صوبي تي حڪومت
ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو آهي، يعني سدرڪ، ميسڪ ۽ عبدنجو،
اهي ماڻهو تنهنجي عزت نہ ٿا ڪن، تنهنجي خُدا
جي پوڄا نٿا ڪن، نڪي تنهنجي
عبادت ڪن ٿا. سونهري مجسمي
جي پوڄا نٿاڪن
جيڪا تو قائم
ڪئي آهي."
5


بادشاهه نبوڪدنضر
ڪاوڙ ۽ قهر سان ڀرجي
ويو. هن کين خبردار
ڪيو ته "جيڪڏهن توهان
سجدو نه ڪندا ته توهان
کي فوري طور تي باهه
جي ٻرندڙ ڪوري ۾ اڇلايو
ويندو، پوءِ ڪهڙو خُدا
توهان کي منهنجي هٿ
مان ڇوٽڪارو ڏيندو؟"
6


بادشاهه وڏي غلطي ڪري رهيو هو. هو واقعي زنده خُدا کي
چيلينج ڪري رهيو هو. ٽي عبراني ڄاڻن ٿا ته بت جي پوڄا
خُدا جي حڪمن جي خلاف هئي. اهي بيٺا. ڇاڪاڻ ته انهن
خُدا تي ڀروسو ڪيو، اهي بادشاهه کان نه ڊڄندا هئا.
7


انهن ٽنهي بهادرن بادشاهه کي جواب ڏنو. چيائون تہ "ڏس، اسان
جو خُدا، جنهن کي اسين پوڄيندا آهيون، اهو اسان کي باھ جي
ٻرندڙ ڪوري مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي طاقت رکي ٿو، ۽ اهو،
اي بادشاهہ، اسان کي تنهنجي هٿ کان بچائيندو. ۽ نه، اي
بادشاهه، توهان کي ڄاڻڻ گهرجي ته اسين توهان جي ديوتائن
جي پوڄا نه ڪنداسين ۽ اسان
ان سون جي بُت
کي سجدو نه
ڪنداسين
جيڪو
توهان قائم
ڪيو آهي."
8


تڏهن نبوڪدنضر
ڪاوڙ ۾ ڀرجي ويو
۽ هن حڪم ڏنو ته
ڪوري کي معمول
کان ست ڀيرا وڌيڪ
گرم ڪيو وڃي، پر
پوءِ به ماڻهو نه
نمايون.
9


بادشاهه پنهنجي لشڪر جي ڪجهه مضبوط
ويڙهاڪن کي حڪم
ڏنو ته سدرڪ،
ميسڪ ۽ عبد
نجو کي
ٻڌي ڀٺيءَ
جي ٻرندڙ
باهه ۾
اڇلايو.
10


۽ ڀٺي جي باهه ايتري تيز
هئي جو سدرڪ ۽ ميسڪ
۽ عبدنجو کي کڻندڙ هئا
اهي شعلن ۾ مري ويا.
11


بادشاهه محفوظ ٿي پري کان ڏٺو. هن ڏٺو ته ٽنهي کي ٻرندڙ
باهه جي وچ ۾ اڇلايو ويو. پر اهو سڀ ڪجهه هن ڏٺو نه هو.
12


بادشاهه نبوڪدنضر حيران ٿي ويو. "ڇا
اسان ٽن ماڻهن کي ٻڌي باهه ۾ نه وجهي
ڇڏيو هو؟" هُن پنهنجن مددگارن
کان پڇيو. "ها،" هن جواب
ڏنو. پاڻ فرمايائون ته ڏس،
"مون ڏٺو ته چار ماڻهو
کليل آهن ۽ باهه ۾ پيا
هلن ۽ انهن کي
ڪو به نقصان نه
پهتو آهي ۽ چوٿين
جو ظهور الآزاد
جهڙو آهي!"
13


تڏهن نبوڪدنضر باهه جي
دروازي تي آيو ۽ چيائين ته "اي
سدرڪ، ميسڪ ۽ عبد نجو، خُدا
تعاليٰ جا بندا! ٻاهر نڪرو ۽ هتي
اچو." سو سدرڪ، ميسڪ ۽
عبد نجو باهه مان
نڪري آيا.
14

پوءِ سڀ ڳڏ ٿيا ۽ انهن ماڻهن ڏانهن ڏٺو ته باهه انهن جي جسم
تي اثر نه ڪيو ۽ انهن جي مٿي تي هڪ وار به نه ساڙيو ۽
انهن جي ڪپڙن ۾ ڪو فرق نه آيو ۽ انهن کي باهه جي سڙڻ
جي ڪا به بو نه هئي.



15

جڏهن هو چاڻي ٿو ته ڇا ٿيو، بادشاهه نبوڪدنضر هڪ
حڪمت وارو ڪم ڪري ٿو. هن دعا ڪئي ۽ چيو ته
"سدرڪ ۽ ميسڪ ۽ عبد نجو جو خُدا مبارڪ هجي، جنهن
پنهنجو ملائڪ موڪليو ۽ پنهنجي خادمن کي آزاد ڪيو،
خُدا تي ڀروسو ڪيو ۽
بادشاهه جي حڪم جي
ڀڃڪڙي ڪئي."



16

اُهو ماڻهو جيڪو جهڪي نه سگهيندا هئا

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

داني ايل ٣

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

17




33 60

18

هيءِ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيو۽ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويو۽ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءِ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڑهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.

19